سري برج ولاس
۽
گوپي ولاس

سري ڪرشن ولاس جو ٻيو ڀاڱو

رچيندڙ - شريمان ڪوي ڀلاجرام صاحب

رهندڙ آشرم ڀلاج پوري حيدرآباد سنڌ

ڇپائيندڙ جا سڀ حق و اسطہ قائم

رعايتي قيمت ٢ آنا

قيمت ٠-٢-٠

ڇپايال هريسنگهہ سنس بڪ ڊيپو ۽ پرنٽنگ پريس

شاهي بزار سکر

ڪوي صاحب جي جيوني

اوهان صاحبن سنڌ جي ٻن ڪوين جا ٻه ڪهاڻي پستڪ پڙهيا هوندا پر جهڙو ڪوي ڀلاجرام صاحب جي ڪوتا اوهان کي رس ۽ سواد ڏيندي هوندي اهڙو ٻيءَ ڪنهن ڪوتا مان مشڪل آيو هوندو هن ڪوي صاحب جي ڪوتا ۾ وڏي خوبي ته اها آهي جو ڪوتا جو وزن ڪاٺيور ڊيف راڳ راڳڻي سڀ سهڻا وري ٻولي ايتري سڌي ۽ سرل جهڙڪي ٻار ايتري سولائيءَ سان پڙهي ۽ ياد ڪري سگهي سندس پستڪ ٧٧ سنبت کان ولي ڇپرا ٿيندا آيا آهن پر هڪ ٻئي کان وڌيڪ ۽ نئي سر نوان خيال ۽ ايترا ڪنهن ٻي ڪاپي ايترا ڪنهن جي چوري پڙهندڙ سڀ سمجهي سگهندا هوندا ته ڪوي صاحب جو ڪهڙو عاليٰ دماغ آهي. هيٺئر سنڌن سري گورو نانڪ ولاس نالي پستڪ پڙهندا. اس جهڙو آهي سڀڪرن جو اااو مٿو لهڙا آهن مذهبي ٻين ملڪ ۽ سرسهڻا وري حقيقتون به سچون نه ٻڌاونديون، هن پستڪ جي لکڻ جي مراد ڪوي صاحب جي خاص ايها هئي ته هي جو ٻالڪن لئي گڏرن ۾ ڀڳت يا شبدي ٻون ڪٿائون ماڻهن کي پڙهائي رهيا آهن چوڻ گرو صاحب جن جو اصل ته آئي پرچار به گرو صاحبن جو هجي انهيءَ مراد سان اڳ ڪوي صاحب جا پستڪ جيئن ميران، حقيقت، ٻيو رج ولاس وغيره گهڻيئي ڇپرا تيل آهن. پر گرو صاحبن جي ڳڻن لکڻ ۾ اجان پنهنجي قلم کي سڦل نه ڪيو هوائين ته هن سڀ ڪري هي ٻهرين پالشاهيءَ جو ڀاڱو آهي جي پڙهندڙن ۾ وڌيڪ آساهه ڏئو ويو ته ٻين گرن جا به تيار ڪري ڇپايا ويندا.

لکڻ پڙهڻ جي ڪم ۾ ڪوي صاحب جو ننڍپڻ کان ئي ماورو لو ڏسجي سنڌس جهوڙ جرڙ مان معلوم ٿو ٿئي ته جڏهن ڪوي صاحب چوٿون درجو اسڪول ۾ پڙهندو هو اوتات کي ماستر صاحب جي سنگت مان هن گهڻو ڪي پرايو هو جهڙن ته گرمکي شاستري رشي ۽ ڪٿا وارتا جي پڙهڻ ۾ گرو واڻيءَ سان پيار تمام گهڻو هوندو هوس. انهن سنسڪارن سندن دل ۾ ڏرهي ودياجي پڙهڻ جو وڏو شوق پيدا ڪيو پر هڪ حالت غريب هئڻ ڪري ماءُ جو ننڍي عمر ۾ چوڙو جنهن ڪري وڌيڪ پڙهڻ جي اميد مشڪل ٿي سمجهائين پر ايشور ٻالڪ آهي جو ڪوي صاحب کي ماڻهن اسڪول مان ڪڍي قائم جي ڳوٺ ۾ سهڻين وٽ نوڪر ٻهاريو. اُن سهڻين وٽ سنڌن مهانمائن جي آمدرفت تمام گهڻي هئي جڏهن ڪري هو صاحب نوڪري جو قائم نوڪري ڇڏي باقي لاڇل قائم ۾ ر جي سنڌن جي شهوا ۾ ڪندو هو ۽ وديا به پڙهندو هو مهاتما به سندس

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

نماڻو ۽ نوڙو سڀاءُ ڏسي ۽ وديا جو شوق ڏسي کين خوشيءَ سان پاڻ وٽ رهائيندا هو
اُتي ٻه ٽي سال ڪوي صاحب گذاريا جتي سارسوت ولي پاڻ سامرٿ ويچار،
مالها ۽ ويراڳ شتڪ ارٿ سان 15 ورهين ڪيائون ڪنٺ ڪيا ڪري ۽ شبد پڙهڻ
ڳائڻ جو به ڪم کين سنڌين جي سنگ ۾ اچي ويو. پر ننڍي ڪريءَ سبب کين
وڏيڪ اڀياس ڪرڻ مشڪل ٿي نظر آيو اُنهيءَ لاءِ پهريون ممڪن پڇائيندو رهيو
ته ڪهڙين پرماتما گرهست جي مرادڪ ٻڌڻ کان آزاد ڪيو آهي ته جيڪر هيءَ
نوڪري ڇڏي ڪنهن مهاتما جي شيوا ڪري وديا پڙهجي ۽ سنتوش
شش ٿيڻ جو ممڪن لاءِ هئو جنم نام جي نوڪريءَ ۾ لٽو وڃي - ايشور انهيءَ
مراد جي ماڻڻ جو موقعو به ڪوي صاحب کي ڏنو جو ساڳي گوٺ ۾ سوامي
شنڪر آنند ڀارتي صاحب جا چيلا هوا جي ممڪن هردوار ۾ گذاريندا هوا
سنڌين استان ڪنڪڙي ۾ شمام سڪر آشرم نالي مشهور آهي سنڌين سرير ٨٥
سنمت جي اسوءَ واري مهني ۾ شانت ٿي ويو آهي سي اچي لٿا. وڏا ودوان
۽ يوگي راج هوا مڇو ڪن رهيا جڏهن سندن خاص ڪوي صاحب کي سوامي جي
صاحب جڏهن شيوا ۾ مقرر ڪيو سوامي جن ڪوي صاحب جي ش
سڀاءُ سي هڪڙي ڏينهن چيو ته توهان اسان سان هردوار هلو هل ته توکي
وڏيڪ وديا پڙهائيون.

ڪوي صاحب ته اڳئي ايشور کي اهڙي ارداس ڪري رهيو هئو ٽنهن
تيار ٿيو. سوامي جن مڃيو ڪن سنڌ جو گشت ڪري سڌو ڪنڪڙي آيا جن سان
ڪوي صاحب به گڏيو آيو. اهو ٧٢ سنمت هو اُن وقت ڪوي صاحب جي عمر
اٽڪل ١٥ سالن جي هئي ۽ هردوار ڪنکل ۾ پهچڻ سان ڪوي صاحب پنهنجا
وڏا ڀاڳ ڪري سمجهيا جو ساڳيو وري گنگا ڪنارو. بس
پوءِ ته رات ڏينهن سوامي جن جي شيوا ۾ لڳي ويو. سوامي جن به سنتوش
ٿيوا ٿي راضي ٿي وڏي پيار سان وديا پڙهائيندا رهيس جڏهن ڪاويه جا
گرنٿ پڙهي بس ڪيائون تڏهن سوامي جن کي چيائون ته هاڻي ويدانت گرنٿ
پڙهائيو جنهن تي سوامي جن چيس ته ويدانت گرنٿ گرُ اپديش جي اڀياس کان
سواءِ مشڪل سمجهڻ ۾ ايندا آهن تنهن تي عرض ڪيائون ڪرپا ڪري
مون کي گرُ اپديش به ڏيو ۽ پنهنجو شش به بڻايو جنهن تي سوامي جن کيس
گرُ اپديش به ڏنو ۽ گهرو جي ڪپڙي جي پڳڙي به ڏني ۽ اڳتي لاءِ کيس پنهنجي
پلاءِ ڪري ڪوٺڻ لڳا جو ملاحس نديون کان ئي پڳڙي جا سڀا ممڪار هوا

هڪڙا جيڪي ٿيندا آهن هڪڙا شخص ٿيندا آهن جيڪو اُنهن کي چئبو آهي جو گرو
اُداسي يا سنياسي هجي. ڇا اُنهن کان ٻيکڙ وٺندا ۽ نالو به بدلائيندا آهن
پوءِ اُن ٻيکڙ وارا سڏبا آهن. ۽ ٻيا شخص ٿيندا آهن شش چئبو آهي جو گروءَ
کان ٻيکڙ نه وٺندو آهي. فقط اُپديش ۽ وديا وٺندو آهي سو ڪوئي صاحب شش
بڻيو اُنهيءَ لاءِ جو ويچار ڪيائين ته ڏهن پنٿ ۾ ٻاجهه ڪري سوامي جن
ڏنو ته پوءِ پنٿن کي ڇڏڻو ٻيکڙ جي فرض پنٿن جو پنٿي ٿي ٻيکڙ آهي جنهن
ڪبير پنٿ نامو پنٿ اُنهن جو ڇڏڻو ٻيکڙ هو. تنهن ڪري ڪوئي صاحب
ٻه ٻيکڙ کي پنهنجي سمجهي شش بڻجڻ ڏانهن پسند ڪيو. هاڻي سوامي جن
کيس ويدانت گرنٿ به پڙهائڻ لڳا جهڙوڪ ويچار ساگر تتوانوسنڌان پنچدشي وغيره
هن طرح ڪوئي صاحب گرو مهاراج کان گڏ ويدانت شاسترن جو اڀياس ڪندو
رهيو اُتي اٽڪل اٺ سال ڪن ڪوئي صاحب کي گذري ويا. جنهن کان
پوءِ سوامي جن کان موڪل گهريائين ته جيڪڏهن مون کي آگيا ڏيو ته مان
سال ڪن رشي ڪيش سرگ آشرم ۾ وڃي رهان جتي پڙهيل ۽ اوهانجي ڏنل
مهاواڪيه جو اڀياس ڪريان ۽ اشٽ نرسنگهه ڀڳوان جي اُپاسنا به ڪريان.
سوامي جن کيس خوشيءَ سان موڪل ڏني پوءِ ڪوئي صاحب ڪجهه وقت
رشي ڪيش ۾ گذاريو جنهن کان پوءِ پنهنجي سنڌ ۾ وري آيا اُن طرح
سندس سنڌ ۾ به چڱو پرچار ٿيڻ لڳو اتي سندس رچيل گرنٿ به ڇپجي پڌرا
ٿيڻ لڳا هاڻي سنڌيءَ جو سنڌ ۾ پرچار ڪرڻ لڳو ۽ اوڻهاري جووري ۾ وچ
گرن جي شهر ۾ حاضر ٿيندو هو. اِن طرح ڪن چئن سالن گذارڻ بعد سوامي
جن جو سرير شانت ٿي ويو جنهن کان پوءِ گهڻو ڪري سدائين سنڌ ۾ ئي
گذارڻ لڳو سندس وارڻي ڪٿا وارتا سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مشهور ٿيڻ لڳي
وڏن وڏن ميلن جلسن سڀائن سماڳن جون کيس ڪوٺون اچڻ لڳيون ڪيترائي
سندس شش بڻيا ۽ وڌندا رهيا. وديا سکڻ لڳا اِن نموني به جڏهن ڪي سال گذري
ويا تڏهن پنهنجي آشرم جي برپا ڪرڻ جو خيال ڪري حيدرآباد ۾ پٽ ٽڪر
وٺي هال سادو سودو پنهنجي رهڻ جي مان نرڪڻهن چڙهي جهڙي مان فقط
پنهنجي ملهل پيتا ۽ چيلن جي اڪاڻيءَ مان اڏائي سندس نالو آشرم ٻڌي
پوريءَ رکيائين جا حيدرآباد ۾ ڊرمڻ واهه جي هيڊ ان ۽ گئوشالا جي سامهون ڦليلي
رهي گهاٽ روڊ تي آهي سندس مهر ست سن ١٩٣٢ جي ويساک مهيني جي
نرسنگهه چوڏس ڏينهن وڏي ڌوم ڌام سان ڪيائون هو اُهو ڏينهن سندن

اشٽ نرسنگھ ڀڳوان جي اوتار ڪارڻ جو هو. اهو ڏيهون هر سال ٿي ڏيهن ميلي وانگر ملهائيندا آهن ۽ آشرم ۾ ڀڄن ڪرن اوتارن جا ڏيهن ۾ زور شور سان ٿيندا آهن ۽ شام جو روزانو ٢ ڇهلاڪ ڪٿا ٿيندي آهي. هيءُ اٽڪل روزانو ڀڄن سڀ ڪن ڀريمي ايندا آهن ڏيهن وار تي ته وڏي رش ٿيندي آهي انتظام وغيره ڪري صاحب جوڳهڙ ڪري ڀلاڪ پسند آهي ۽ سندس دل ۾ بهادر آهي جو اڪيلي سر هٿن منصوبن ۽ مختلفتن ڪي ميهن ڏيو پنهنجي پرچار ڪي زور شور سان سند جي ڪلڪ ڪري ۾ پهچائي رهيو آهي هاڻي گهڻو رهڻ سنڌس حيدرآباد ۾ ٿو ٿئي جيڪڏهن ٻاهر جا پريمي ۾ ڪيس گهرائيندا آهن ته اوڏانهن ۾ ويندو آهي نه ته پنهنجي آشرم شهر ۾ سنڌس لاءِ ماڻهن کي جڳو ڀمار آهي ۽ آشرم جو ڪم ۾ سڀي طرح سان هلي رهيو آهي آشرم ۾ علاج پريءَ کي ماڻهو ملتان واري ڀلاج پريءَ وانگي سمجهي وڏي آدر ستڪار سان ڏيهن وار تي درشن ڪرڻ ايندا آهن ۽ سنڌس واڻيءَ جو پرواهه ۾ روزانو نئي سر نئون هلي رهيو آهي جنهن جي سري گرونانڪ ولاس ذالي پسدڪ ڇاپيو اٿس جو گرو جلاءُ جس ساري عمر اڪندي ۾ پورو نه ٿئي تنهنڪي مختصر لکي ظاهر ڪيو اٿس تيئن اڳعي ڀڄن ڪرن جي جيون چرترن لاءِ ۾ عرض ڪمل آهي جي جڏهن تيار ڪيا ته هڪدم ڇپائي پڌرا ڪيا ويندا هڪاڻيوءَ سري گرو انگد ولاس ڇپايو ويو آهي -

شيوا ۾ اين - بي - راجپال

(ڀڄن راڳ ضلعو)

لل - سچي شهر جو - سنگار ٿي ڀلا ۾ پري - هيٺون جو هار - ۽ جنسار ٿي ڀلاج پري

١- هميشه پيار ڀڳت - جو هلي ڀنڊار ٿو - سدا ڪلذار ۽ غمنار - ٿي ڀلاج پري

٢- وديا واڻي جو پرچار - ٿئي ٿو پور و - سدا تن ڌرم جو - ستڪار ٿي ڀلاج پري

٣- اڳي ٿو روز سنسنگ سرگ ڪان سهڻو - ڳڻن جي گيان سان - ڌمتار ٿي ڀلاج پري

٤- جنهن جو رکپال ڀڳوان - سري نرسنگھ آهي - انهيءَ ڀلاج جو - اپڪار ٿي ڀلاج پري

(اوم)

سري ڳڻيشاءِ نمه .

(سري برج ولاس ۽ گوپي ولاس گڏيل)

(منگلا چرڻ)

وار وار وندن ڪرون - ستگر ڪي پد پوڄ
جاس ڪرپا تي ڀر گئي - اڇتر آتم سوجهه
نس دن ڏاس ڌيان ڌر - وچيتن چد روپ
اڌتر ڀاهر وهم سم - ستگر گيان سروپ
پورڻ برهم پرڪاش ڪا - ستگر شانتا نند
جاس پرسادي پائيو - پورڻ پرمانند
ڪيجئي ڪرپا ڪرپال - ڌيان منهن ڌرتا رهون
ديش ڀڳتون ڪي سدا - گڻ گان منهن ڪرتا رهون

(ڪٿا پرارنڀ)

ڀاڱي ڪرشن ولاس ۾ ٻڌي چڪا هوندا جو ڪرشن ڀڳوان
ڪنس کي ماري پوءِ متوا ۾ هميشه لاءِ رهڻ لڳو پنهنجن ماڻن ۽
ڏاڏي اگرسين سان گڏجي پتا ماتا کي آزاد ڪري راج ڪاج جو
سڌارو ڪرڻ لڳو . ۽ حڪومت جون واڳون پنهنجي ڏاڏي جي
هٿ ۾ رکي پاڻ جي صفا پاڪ پترن ۽ ڌرم جو جڳت جو ڌارڻ ادڌرم جو
ناس ڪرڻ ست مارگ جو پرچار ڪرڻ وڏ ودياوان پنج پاٽ
پوڄا ڪرم ڌرم جو پرچار ڪرائڻ لڳو جنهن ۾ ڪرشن کي گهڻو وقت
متوا ۾ لڳي ويو ۽ گوڪل ۾ سنڌس ، وڃڻ مشڪل ٿي پيو ڏوڪائهن
گوڪل ۾ جنهن ڏينهن کان شام سندر ٻرام اڪرور سان گڏجي
متوا ۾ ويا هوا آن ڏينهن کان وٺي ٻاٻا نند ماتا جسودا ۽ گوپن جو

وقت شام سندر جي وڇوڙي ۾ ڏکيو گذارڻ لڳو - جنهن ڪري ڏينهن ۾
ڪرشن بنا جدا ڪونه گهاريو هو اڄ تنهن کي مهينن جي وڇوڙي وڃي
پهچي وئي - جنهن کي رات ڏينهن ڪرشن کانسواءِ ٻي وائي وات
ڪانه هئي ڪين گهر گهاٽ مسڻ ٿي نظر آيو هار سينگار زهر ٿي نظر
آيو طعام آرام حرام ٿي نظر آيو ڪتاب ڪمبلو ڦر ٿي نظر آيو -
اُٿندي ويهندي ڏسا ساهه ۾ راڌي شام راڌي شام جي ڌني هلي رهي
هئي - اٺين پهر اکين مان آنسون ٿي وهيا جنهن ڪري ڪپڙا
آلا ٿي ويا ته بيا وري ٿي پاڻا ويا سارو ڏينهن ڏکن ۾ گذارڻ لڳو
ڪين دلاسي ڏيڻ وارو ڪونه رهيو - ديوانن وانگر شام سندر جو نالو
مکر ۾ وجهو مستانن وانگر جهنگ جهر ڪرشن لاءِ ڦرڻ
لڳيون سارو بدن سندس سڪ جي سوز ۾ ٻيما رٿي پيو هو مڇئي
وانگر ٿي رات ڏينهن ڏرڪيون - پتنگ وانگر ٿي شام سندر جي
حسن تي پچيون ۽ دوا ۽ درمل ٿي فائدو ڪيو - اٺين پهر ٻس
ايهائي وائي وات ۾ ته ڪرشن اچ موهن اچ - شام سندر مثل
هيڪواري درشن ڏي - اسان کي گهر گهاٽ ڪتو ٿي - اسين ڪاڏي
ڪيون گهر ڪي ۽ گيت ٿي ڇيائون

(پهرين راڳ - ڀيروي ۱)

قل - گهر ڪرشن بنا اسين ڪاڏي ڪيون

ويو من ته اسانجو موهن ڪديون

۱ - نڪو هار وڻي نه سينگار وڻي - نڪو هوائي جهو جهسار وڻي
نڪو عطر عنبر جو پيار وڻي - نڪي طعام وڻن ٿا سيرا سڄيون
۲ - روئي روئي اسانجو حال ويو - پسي رت ۾ سارو رومال ويو
سڄو عمر ۾ گذري سال ويو - پڇون پريتم لئه ڏت پنڊت پيون

٣ – يا ماري وڃو يا جيئاري وڃو - يا پريم جو پيالو پياري وڃو
ڪٺي نيرٺ نماڻا نهاري وڃو - اسان تولئه خاص خواريون ڪنديون
٤ – يا پيچ ڀلاج نه پائين هان - جي پاڻئه ته تون نڀائين هان
ڏا ٻره اسانکي ٻڌائين ها - وئين هوت هٿين ۾ تير هڻيون

هن طرح گوڪل جي اندر گوپين ۾ مائدوس مچي رهيو هو
ڪرشن جي قرب ۾ هر ڪنهن جي دل قابو هئي اڌمان ته ڇڏيو ڀر
حيوان بي عمران هيا - جنهجي ڪنن تي ڪرشن جي بنسيءَ جو
پرلاءِ پيل هو آنهجو من ڦٿيل هو ڪرشن جي فراق ۾ ٻکي ٻهري ۾
راڌي شام جون لاٽيون لنوي رهيا هوا ته جمنا ۾ ميچ ڪي ڪرشن
ڪرشن ڪري رهيا هوا – وري گايون وڇڙا پنهنجي ليکي گاهه
پاٺي شام سندر جي وڇوڙي ۾ ٿيا ڳي رهيا هوا - ۽ اکين مان آب
هاري رهيا هوا متراڻي نيرٺ ڪٺي نهاري رهيا هوا –

(پاڇن راڳ لوڙائو ٢)

ٿل - گايون ڪير گوڪل جون چاريندو - جل جمنا جو ته پيا ريندو
١ – جڏهن ڏيهن ڪان گوڪل شام ڇڏيو
تڏهن ڏيهن کان گاين طعام ڇڏيو
ڏيهن رات اکين آرام ڇڏيو - ويو وقت غمن ۾ گذاريندو
٢ – ڪديو ڳاٺ ڏاڏون وات پئي - ڪهڙون گوڪل وارا کهاٽ پئي
رنيون رت جون لاڙون لاٽ پئي - ريءَ سانول ڪير سڏيا ريندو
٣ – ڏاڍو موهه هو حيوانن ۾ - ۽ پريم هيو انسانن ۾
لڳي ڌاءِ چٽڪ بندرابن ۾ – ڪير ڏارو جهي تنهنکي ڏاريندو
٤ – ڀلاج سکهو لهه سار اچي - مون ڀاڃ ڪي ٻي تار اچي
ڪڪدامن کي ٻي چار اچي - شل واڳ وطن تي واريندو

ويچارن گگدامن ٻي ڀڳوان جي برھ ۾ ڏي ھدريت ورلاپ
ڪيا ڀر ڀڪين جي زبان ۾ ٻي راڌي شام ڪانسواءِ ٻي وائي ڪا نہ
ھئي ساري گوڪل جي اندر برھ جي باھ ٻري رھي ھئي جنھن
ھزارين حيوان ۽ انسان جلي رھيا ھوا - جنھنجي جوش ھٽائڻ وار
ڪرشن ڪانسواءِ ٻيو ڪوئي ڪونہ ھو نہ کائڻ ھو نہ پيئڻ ھو رڳو رت
ڳوڙھا وھي رھيا ھوا جلڪ ساوڻ جي برسات وسي رھي ھئي ٻا
ننڊ ٻي شام سندر جي برھ ۾ ورلاپ ڪري رھيو ھو رات ڏينھن
سندس ليلائن کي ياد ڪري بيھوش ٿي ٿي ويو ۽ سوز ۾ ھي سر
آلاپي رھيو ھو -

(ڀڄن راڳ آسا ٣)

ٽل - وت ۾ پسا پير پيارا - رومال روئي روئي
ھڙا ڏٺا مون منھنجا - افعال روئي روئي
١ - ڏوھن ڪي مان آھيان - ڏو ڀيڪر جايون پايان
ڪنھنکي ڪرشن سڏايان - ھي حال روئي روئي
٢ - موھن ڇڏي ڏي ماڻا - ٻا رول موکي راڻا
سڪ ۾ ڪڏا ويم سياڻا - مون سال روئي روئي
٣ - گوڪل جون ڪرشن ڳايون - بن مان اڪيليون آيون
موريا ڏيون ماتائون - ۽ ٻال روئي روئي
۴ - ڀلاج پيارو ايندو - والي وسيلو ٿيندو
احوال موکي ڏيندو - سڀ شال روئي روئي

مون طرح ٻا ٻانند نہ ڪرشن ٻلرام جي برھ ۾ بيھوش ٿي رھيو ھو
ڪين اڌ رات جو ننڊ مان ڇرڪ ماري اٿي سڏ ڪندو ھو وري
سمھي پوندو ھو سال مثل ڏينھن گذاريندو ھو ۽ وري ماتا جسوڌا

ٻر ڪوه کي خالي ڏسي اکين مان آنسون ڀري زار زار روئندي هئي جمنا جي ڪناري تي وڻن جي پنن کان واڻيون کسان پڇي پڇندي هئي ته ڪڏهن ڪرشن ايندو اچي درشن ڏيندو ۽ دکڙا ڪاٽيندو. اهڙيءَ طرح موهن ۾ اچي وڏي آواز سان سڏ ڪندي هئي ڪڏهن ته رات جو سڄي رهي شام ۽ هي ٻلوار اچو مکڙ اچي کايو وڃو ڪاٺون ڇرايو اهڙا اهڙا سوز جا سهڻا لهندي هئي وري جاڳي هيٺ ائين هوڏ ائين ڳوليندي هئي ته ڪرشن ڪٿي. وري جوش ۾ اچي ڪپڙي کي ڦارا ڏيندي هئي ڪڏهن رڻ ۾ ڪڏهن جهنگ ۾ ڪڏهن ته سياڻن وانگر شام سندر کي سڏ ڪري هيڪيت چوندي هئي

(ڀڄن راڳ ڀاڳڙي ۴)

ٽل- اچي اڄ اڱڻ ۾ - وري ڀير پايو
ولهيءَ جي وڏڙن کي - وهي وسايو
۱- گولن سان گڏجي - ڦٽي ڀير هيڪر
مٽيءَ کي هٿي لٽ - مکڙ خوب کائو
۲- ڪيان ياد دم دم ڏي - دل ۾ اوهانکي
پري ٿيءَ واري - ڪا ڀڏسي ٻڌايو
۳- اوهان ري نه آرام - آهي اندر کي
جگر جان جيرو - جدائيءَ جلايو
۴- اصل جا ابا ڳا - وڃي تو وسايا
هتان ٻي دايا جي - نه درشتي ڏکايو
۵- ڇڏي ٻت ڌڻي - من ڪٺي وڏين مرارئي
اچايو نه ڀلاڄ - درد ڀڄايو

هن طرح ماتا جسودا گهر جي چوٽ تي چڙهي ڪري ڪرشن
ٻلرام کي ٿي ڀريرسان ٻڪا روئن ڪيون. ٻڪا ريندي ٻڪا رڙندي
هر هر بيهوش ٿي ٿي وئي. ڪڏهن هاءِ ڪرشن ڪڏهن هاءِ موهن
ڪڏهن هاءِ ٻلرام سڏ ڪري ٿي ڏاڍا ساهه کڻيائين ڪڏهن ڪڏهن
غمگين ٿي ٿي وئي؛ ڪيس پڻ ڪو پڻ ٿي اچي ڪڍيو؛ سمجهايو
ته جسودا ڀراوان پڻ تي ڪهڙو ڀروسو آهي اڄايو ڇو تو موهه ڪيو
آهي ڀران اپديش جسودا کي ڪجهه به اثر نه ٿي ڪيو.
جسودا جو هي ه اچي هر هر وڻن ڏي نهاري؛ ڪڏهن ڪان پڇي ته
توهانکي خبر آهي ڪرشن ٻلرام ڀني خوش هوا مونکي ياد ڪيا؛
ٿي يا نه هن طرح پکين کان بي پڇڻ لڳي ڪڏهن ڪان نه نظر آيس
اُنکي جواب لڳي.

(شعر)

ڪانگل خوشيءَ جي ڏي خبر — ڀني ڀراط پيارا خوش هوا
مون نماڻي جا سکهه ڏس — نندن تارا خوش هوا
ڪانو ڪوڪل جو ڇڏي - متروا وهي واسي ٿيا
پل ڀني متروا مڃن — هر ڏس ويچارا خوش هوا
ڪنس قاتل جي پڇا — قعلام ڪان ڪونڪر ڀني
شهر واسي ديو ڪي — وشديو وارا خوش هوا
جا ڇعي ايندا نه ايندا — يا آڏي رهندا ڀني
جا مجي مرضي سندن — هر سپ ڏهاڙا خوش هوا
ڀريرسان ڀلاج ڏي — احوال ڪانگل ڪرشن جو
شام ۽ ٻلرام ڀني — جيءَ جيارا خوش هوا

ان طرح ماتا جسودا ڳوپين کان ٻه ٽي شام سندر ۽ ٻلرام جو احوال پڇيو ۽ ڏهن ڪين ٻارت ٽي ڪهائين ته ڪٿي ڪرشن ڪنهن جهو ته ڇڪيو ته ايندين يا نه ايندين سو صفا ٻڌاءِ.

(ڀڄن راڳ پيلو)

ٽل- صاف سڄائي وچ - ايندين نه ايندين
درشن ڏيکارڻ - ڏيندين نه ڏيندين
١- تو ٻن مٺڙا . ڪوڏي ڦهيلو . والي وسيلو . کيندين نه کيندين
٢- هرو مرڪندڙ . جوان ڏالو - پريم جو پيالو . پيئندين نه پيئندين
٣- تو ٻن ڏاڙهي - آهي اڳاٽي - ڏال ڏماٽي - ليندين نه ليندين
٤- وام ٻهالاج ڪي - ڏاهي ڪاٺي - سڌو سڄائي - ڪندين نه ڪندين

هن طرح ماتا جسودا ڪالکل ڪي ڪرشن واسطي اينڪ ٻيا ٻا ڏيڻ لڳي ۽ ڪيس سمجهائڻ لڳي ته منهنجي ٻاران موهن ڪنهن ويڌي ڪرڻ جو اچي ڪوار منهنجو ڏيکاري وڃي نه ته مان ۽ ڇوڪري ۽ مري ويندس جسودا جو هي حال هو هو ڏاڍهن ڪوڙين جو ڪهڙن ۽ هي حال هو جو سارو ڏينهن ڪهڙ جي ڪر ڪار جي ڪين ڪاٽي ياد ڪيري ڪا نه هئي مٿن مره ڪيترو غصو ڪندا هوا ته ٻه ٻي ڏات وٽن ڪا نه هئي پاڻ ۾ ڪنهن ٽي ايهائي وارتا جو ريديون هون ته پيڻ ڪيئن ڪرشن ملندو ڪڏهن رستو وٺجي جو شام سندر هڪواري اچي پوءِ ٻلي هليو وڃي نه هڪار دفعو درشن ڏئي وڃي شام سندر جي سڪ ڪان سواءِ انسان جو جيئڻ اجايو آهي جنهنکي سڪ نه آهي سو سوان آهي جنهنکي پريم ڏاهي سو پريت آهي ائين ٻه ٻچائي ڪرشن کي سڌ ماڻ سڏ ڪيائون.

(ڀڄن راڳ پيلو ٦)

ٿلهه– ملي وڃ ملي وڃ – مراري ملي وڃ
ٻيا ٻان ۾ اڄ – ٻهاري ملي وڃ
١– رهڻ لاءِ توکي – سڄايان ٿو سهڻا
ڦلاڻ ڪا دفعو – تون ڏهاڙي ملي وڃ
٢– خلق جي خواري – ڪڏهن خاص تو لئه
ٻڪي ٻيڙا تون – ٻوڙاري ملي وڃ
٣– مدا من ۾ تن مون – ڪيو پيٽ تڏهاڄي
سکو کوٽ ڪهڙ – ڪرڏاري ملي وڃ
٤– آهي روز پهلاڄ – پريشان تو لئه
سڪايل کي سهڻا – ستاري ملي وڃ

هن طرح گوپ گوال ڪرڏاريءَ مدن مراريءَ کي سڪ وچان سڏ ڪري ٿي روح کي راضي ڪيو سندس روح راضي ٿيڻ جو ڀو ڪو آڀاءُ ڪو ڏهو . هڪ ڏي کي شام سندر جا نندي پڙ وارا هرڻ ۾ ليلائون ۾ راڌڪون ڏڪائي ٿي پرس ٿيا . ڀو سندن پرس ڪرڻ جو آڀاءُ ڪو ڏهو دل جي دعوا دل ۾ ٿي گوپي لڏائون . سهيتي ڪوپيون ڪنهون ٿي هڪ ڏي کي چوڻ لڳيون ته هاڻي ڏيا سڀ خيال ڇڏي شام سندر جي اچڻ جو آڀاءُ ڳولهيو پا سندس ريجهائڻ جي ڪا رمز هٿ ڪيو پين ڳالهين مان ڪجهه ڪين ورندو شايد ڪو من ٿي غصو اٿس تڏهن ڪوئي پرسندا جو پرسنگ ڪڏهن ڪان پڇو .

(ڀڄن راڳ ڀيروي ٧)

ٿل– ڏس ڪو ڏان ۽ جڏهن سان – رام کي ريجهايان
رام کي ريجهايان – شام کي ريجهايان

١ - مال مڱايون ميوا موھن کي - خوشيءَ سان ڏيان
٢ - ڀت ڀتين ڀلس پڙھو - پريتم کي ڀرايان
٣ - ڪڪو ڪيسر عطر عنبيرا - چندن خوب چڙھايان
٤ - ڏ رنڊورا ڏيلا واڄا - شيرن کي ڇمڪايان
٥ - ڀرسن ٿي ڀلاج پريتم - سوئي سمر ڀٽايان

هن طرح ڀاڳ ڀر گوپيون شام سندر جي اچڻ ۽ ڀرسن ڏيڻ جو آڌار ڪري ڪان پچي رھيون ھيون پر ڪنھن ڪي ڀي ڪو سڌائو رسعو مٽ نڪي آيو ڏس روئڻ ۽ ورلڻ کانسواءِ ڀيو ڪوءِ آڌار ڪونه ھو پر ايتري ۾ ڪو اوڌان پنڊت لڪيو چنڊڪي ڏپڙ ھيو ڏنھن کا پترڻ لکيون ته پنڊت ڀڌاءِ ته ڪنھن روشن ايندو -

(شعر)

پنڊت ڀوڳي ڏس پتي - گھر ڪو گھنشام جو
ملڻ ٿيندو يا نه ٿيندو - سکين سان سڪ ڏام جو
رام ڪيتو مڪل ڇدڙ - ۽ شڪر جي ڏس ڏسا
چند سورج ۾ ڀلا ڪو - رحم آھي رام جو
ڪرڪ ڪنيا ڪنب تلا - مڪر ۽ ڏس ميڪ ۾
سنگھ ۾ آھي ڀتو - ڪو شام جي انجام جو
مڻھن جو ميلاپ ٿيندو - يا نه ٿيندو ڏس ڪٿي
جي ڀلا ٿيندو ته ڏس يا - اڄ صبوح يا شام جو
پريم سان ڀلاج ڪي - پنڊت سڀڪو سمجھاءِ ڏون
ڏس ڀڃي مان گھر ھڪڙو - ملڻ يا ماڻام جو

پنڊت گوپين جو ني اڄڪي احوال ڀڌي ھڪو ڀڪر ٿي ويو ۽

ڇت ۽ ڇوڙڻ لڳو تہ شايد ھي ڇڏيون آھن جو پرائي ڀڳت ڪرشن واسطي ھاڻ کي پريشان ڪري رھيون آھن ھو متوا ۽ ھي گوڪل ۽ اجايو ھاڻ کي خفتان ۽ کپائي رھيون آھن ڇڙين وانگر وڻ ٽڙ واجھائي رھيون آھن پکي پڻ ٻچڙا پڇائي رھيون آھن وات ويندا پڇت پڇائي رھيون آھن ڪين سمجھائڻ گھرجي جو مٿان ڇڙيون نہ ٿيون سو ڀڳت کوڙين کي ڇوڙڻ لڳو تہ ھي گوپيون توھان کو ڏيکار ڪيو سمجھہ ڪان ڪروڌ پنھنجي ھٿن ۾ ھٿيءَ ۽ ڀار ڪريو پرائي ڀڳت ڪرشن جي لاءِ روئڻ ۽ رڙڻ مان اوھانکي ڇا ھٿ ايندو ھو اوھان سان اڏھي فراق ڪري ڪڏھن ڪونہ ملندو پراوا ڪڏھن پنھنجا ٿيا ڇڙ ڇڙين وانگر لوڪ لڄا کي لاھي ڀاڻ کي بدنام ڪري ڀت ڏرم کي ڇڏي گھر جي شيوا وڃائي رات ڏينھن مونھن جي پٺيان پريشان ٿي رھيون آھيو. ڀڳت جا وڄن ٻڌي گوپيون ڇوڙڻ لڳيون ڀڳت تون ڀليل آھن توکي قرب جو قدر ڪونھي ڀل ڀلين پرائو ھجي جيڪڏھن پرائو پٽ آھي تہ ڇا ٿيو سڪ تہ شام جي اسان سان سچي آھي وٽ سڪ کي سڪ سان پراوا ٻي پنھنجا ٿي پوندا آھن.

(ڀڄن راڳ مالھہ ٨)

ڏل - ڀت پرائو ڀل ھجي - پر سڪ اسان سان شام جي
ديھہ سان مٿرا موھن - پر دل اسان وٽ رام جي
١ - ڀل ھزارين ڪتر ڪرشن - جي قلب جي ٿي وڃن
تہ بہ ڇدي سگھندا نہ - پريتي گوپين ۾ گھنشيام جي
٢ - من ڪٺي موھن ويو - باقي بدن آھي ھتي
طلب تنھن ڪا نہ آھي - طعام ۽ آرام جي
٣ - ٿي ھکي آڏري وڃون - مٿرا ٻرارئي ڏي مٿا

ڪُبج کهوور جي نه آهي — ۽ نه گوڪل ڪام جي
۴ — پريم جي پهلاج آهي — پريم وارن کي خبر
ٻي ڏره کي ڏره ڪهڙو — ڏل ڏکيءَ جي ڏام جي

هن طرح گوپين پنڊت کي شام سندر ۾ انت پريم ڏيکاريو پنڊت سمجهيو ويو ته هي ڪهڙي ڇنڊي ۾ ڪو نه اچڻ وارين آهن هن جو من ڪرشن جي طرف سخت لاڙو کائي رهيو آهي سو آئي رهندو رنيو ته هڪڙو آتان وري حڪيم لڳيو. ڏهن گوپين کي بيحال ڏسي پڇڻ لڳو ته ڏهاڻي ڪو مرض آهي يا بيماري جو اوهان جو سهڻو سريو سائو ڏو ڏسڻ ۾ اچي — گوپيون حڪيم کي جواب ڏيڻ لڳيون.

(پهڻن راڳ — ضاح ۸)

ٽِل - مونکي برهه ڪيو بيمار ادا - جهڙالڳو ويڄ ڪو ويچار ادا
۱ — هڪ ڪرشن اساڏڪي وساري ڇڏيو
جهڙالڳي سوز سکين کي ساڙي ڇڏيو
اهڙي جوش جگرکي ٻي جاري ڇڏيو - ٽيو بدن ساڳو بيڪار ادا
۲ — ڏکو گوڪل ۾ گهنشيام آيو - ڏکو پاڻ آيو نه پيغام آيو
نڪو اچڻ جو ڪو انجام آيو — ايها ڏن ۾ آهي ڏار ادا
۳ — نيڻون آنسون ٿم ٿمتا روهن — رويو رت جا ڳوڙها ڳاڙ روهن
جڻ نير پريل ڦا ڏار روهن — ايڏو آهي اندر آزار ادا
۴ — جوڳون جت جسي ڪا نه پوشاڪ وٽي
ڏکو گهر جو اڳڻ اوطاق وٽي
ٽلي ٻت تي خلدي خاڪ وٽي - اکڙ هٿ پڻن ۾ پيار ادا

٥ - ٻڌجون ڪين جدا ٿو جيئڻ وڻي - انهيءَ جيئڻ ڪان ته مرڻ وڻي
پهلاج ڪائڻ نه ڀيٽڻ وڻي - ڪيو ڪرشن بيقرار ١٥١

هن طرح گوپيون پنهنجي درد جو احوال حڪيم کي ٻڌائڻ لڳيون حڪيم چوڻ لڳو ته هنن کي ڪنهن نموني جي بيماري ٿي ڏسجي تڏهن گوپين جي نبض کي نهارڻ لڳو: اکيون وات ڏسڻ لڳو سارو بدن جاچي ڏٺائين پر ڪيس خبر ڪا نه پئي جو ڪهڙي بيماري آهي ڪيتري دير ڏٺائين وائڙو ٿي ويو گوپيون حڪيم کي هن ويچار ۾ ڏسي چوڻ لڳيون ته ٻائي هيءَ ٻرهه جي بيماري آهي جنهنجي دوا طبيبن وٽ ڪا نه لڀندي آهي.

(پيلو راڳ - ڀيروي ٩)

ٿل - ناهي طالب اسانکي طبيبن جي - هتي حاجت ناهي حڪيمن جي
١ - نڪو سڳو نڪو تپ تن ۾ پرو - نڪو ڪنهن زڪام جو جوش ڏرو
آهي شام ملڻ جو شوق پرو - ايها ڳجهه فقط آ غريبن جي
٢ - نڪو ڦٽ ڦرڙي ڪو پيرن ۾ - نڪو ڪڻو ڪلي جي ڪيرن ۾
آهي زخم جدائيءَ جو جيرن ۾ - جنهن وات نه آهي ويڄن جي
٣ - نڪو ڪشٽ ڪلڻ جو ڪا روڪي - نڪو چاندي سونو ٻا روڪي
نڪو ويڄ حڪيم هو شيا روڪي - هي بازي آهي نصيبن جي
٤ - پهلاج پريون وچ موٽائي - طب تنهنجيءَ ۾ نسخو ناهي
هيءَ خاص خبر موٽڪي آئي - پي موهن کي آ مريضن جي

هن طرح گوپين جي حال کي ڏسي حڪيم هب ڪري رمندو رهيو جيئن ۾ چوڻ لڳو ته هي ڪنهن ڏينهن ٿيون ٿي پوليون دماغ سندن خراب ٿي رهيو آهي ڪجهه جو ڪجهه بڪي رهيون

آهن شايد سوداءَ جي بيماري لڳي پئي اُنهن حڪيم ڪل ۽ ٻه
ٻچا ٿيندو ڪلهو ڪوٺيون ويچاريون ته قرط لکيون ۽ ڇوڙ لکيون ۔

(پيچن راڳ پيلو ١٠)

ال- لکي شال نه ڏکڻڪي - برهه جي بيماري
هئي ٻي خواري - هئي ٻه خواري
١- ڏيا يان ڦر ڏيڻي - ڏونهن درد جو
ڏسيان ڏيهه کي ڏاڍ - ڏيان ڏي ڏوهاري
٢- ايها لات ليلان جي - آئي لهن ڏي
هيائين ڪليجي کي - آخر ڪتاري
٣- اٿئي سوز سٽئي - کي اونڌه ۾ آڻي
ڪئي غرق آخر - ڪڏهن ۾ ڪنياري
٤- سڏا سور سڱئي - ساري حياتي
مري وئي پدمل جي - ورهه ۾ ويچاري
٥- اٿئي مرض ٻلاج - کي ٻي مڃها ٻو
سچي جڏهن حياتي - غمن ۾ گذاري

هن طرح ڪوٺيون ورهه جا ورلاپ ڪري ٻاط کي پريم جي ٻاڻي ۾ ڀسائي ڇاتيءَ کي سيتل ڪري رهيون هيون شاهه سندر جي صورح شاهه وات نهاري رهيون هيون . ته آڏان هڪڙو فقير لڪيو جڏهن هو تن ڪو فال يا ڦيٽو وڃهائيندو جيڪي پڇندو سو آءٌ سڀ ٻڌائيندس . ڪوٺيون ايهو آواز ٻڌي هڪدم هٿ جوڙي اُن فقير کي عرض لکيون ته مهرباني ڪري ڪا سچي فال وجهه جو اسان جو موهن متوا واسي اسان وٽ ايندو يا نه ايندو جي ايندو ته ڪڏهن ايندو .

(پڙهڻ راڳ لوڙا ڏو ١١)

ٿل- وڃهه فار سڄي ڦيريدار اها - ايندو ڪرشن ڪڏهن ڪلها راها

١- مان گوڪل جا گهر گهوليمي ڏٺا - ۽ مندر ڏڪا ڏڪا ٽولي ڏٺا
سڀ ڪوهه ڪڏون موڻ ڪولي ڏٺا - پر ڪو نه ڪڏيو غمنا راها

٢- ڪٿين ڪانگ آڏا ايم ڪرشن ڏي - محبت مان متر موهن ڏي
جتي خاص مڪو مون درشن ڏي - پر ڪو نه ملو ڏيدا راها

٣- يا فار وڃهو ڪا فائدي جي - جيڻ سيکهه ملي مندا راها
يا ڪار ڪهون ڪا فائدي جي - يا چاڙ وڃهو ڪا فائدي جي

٤- جي موهن ڪين ملائيندا ئين - تان ڪوڙو پاڻ ڇڏائيندا ئين
ساري خلق مٿان ڏون ڪلائيندا ئين - ڏس خمر چکي ڪا ڇا راها

٥- ڪو جادو جنتر منتر هڻي - پهاچ ملايو متر اڏڻي
ايها پاڇه ڪيو پاڇاڙ ڪڻي - ليبي ڏيهه مٿان ڏهڪا راها

ڦلهڙ گوپين جا هي ڏکين نموني سوال ٻڌي چت ۾ چوندو ويو ته مي مڏهنجي پکڻ کان ڪم پري آدي سو سويرئي رمندو رهيو آخر گوپين ويچار ڪيو ته سيئي ملي ماتا جسودا کي عرض ڪيون ته شام سندر اسان کي گهرائي ڏي. سو گوپيون پاڻ ۾ ڪڏهي سڀ ماتا جسودا وٽ آيون اچي اکين مان آنسون پري جسودا کي چوڻ لڳيون ته ماتا مهرباني ڪري اسان کي ڪرشن گهرائي ڏي نه ته جدائي ۾ اسانجو جيئڻ مشڪل آهي طعام آرام سڀ حرام ٿي رهيو آهي گهر گهاٽ سڀ ٻلي رهيو آهي رات ڏينهن روئندي گذري ٿي حال تنهنجو ٿڙو اسان جو سو مهرباني ڪري گهنشيام کي گهرائي وٺ جسودا گوپين جو چوڻ ٻڌي ليڻن ۾ نهري ڪين چوڻ لڳي ته اڌيون مان ڇا ڪريان مڏهنجو پاڻ

پورو سال ڳڻي رهيو آهي ڪرشن، تمام سخت ڏل ڳڻي اسانکي وساري ويٺو آهي .

(ڀيرون راڳ سوٺي ۱۲)

ٿل — اڌيون شام سندر — وساري هليو ويو
ٻره جي ٻري ٻاهر — ٻاري هليو ويو
۱ — ڏکي ٻاط آيو — نه ڏيائو مڪائين
نه ماري هليو ويو — نه جياري هليو ويو
۲ — فراقن جي ڦٽ ڦي — ويو لوڻ لائي
نه ڪاري هليو ويو — نه ساڙي هليو ويو
۳ — ويو وات تي شام — اڌ ڀر لائي
نه ٻوڙي هليو ويو — نه تاري هليو ويو
۴ — سليمان سور ڪڍڻ سان — مان پيالو پنهنجو
ڏئي ساڻ ڏاڙهي — ڪه تاري هليو ويو

هن طرح ماتا جسودا گوپين کي ڇڏي ليکي هي گوپيون مڌهه جو وس ڪونه آهي مان ٻاط ساعت سال مثل گذاري رهيون آهيان ڪڍڻ کي ڏوهه ڏيان سڀ ڪرمن جي ڪمائي آهي مان ٻاط ڪيئي ڪرشن ڏئي قاصد ڏيا ٻا سنيها موڪليا آهن پر ڪرشن هڪ جو به جواب ڪونه موڪليو آهي پرائي هٿ تي ڪيڏو زور هلندو جي پنهنجو هجي ها ته جيڪر سندس ڏل ڄاڻي ها ۽ هو سڌ ايترا ڏينهن ڪونه وڃي ها ڪنهن به آسي ڳالهه ڪي ها تنهنڪري پرائي هٿ تي مان ڪيڏو زور آڻيان .

(شعر)

جدائي شام سندر جي - اهڙيون قسمت ڪرائي آهه
ملي وس ڪون ٿو مڌهن جو - پرائي شهر پرائي آهه
اڳي مان ماڻ موهن جي - هيڏو مٿرا ۾ مائي آهه
اڳي هئي وڏائي هٿي - هيئنر هتري وڏائي آهه
اسان سان اوچتو ڇڏيون - ڪٿي ٻاويءَ ٻرائي آهه
مگر موهن نه ڏاهو ٿي - وڃي مٿرا وسائي آهه
لکو ٽيا پر ڏکو قاصد - نه پتر ڪا پڌائي آهه
مگر اڄ خواب ۾ مون کي - مڌهن مورت ملائي آهه
اسان ۾ پريم روپيو آهه - مگر هن ۾ نه پائي آهه
وهي عاشق ٿيون اهڙيون - ڪهڙي ٿي ڪمائي آهه
لکو اڄ پريم سان پاتي - اجهي من حال پائي آهه
برهه جي مرض جي پيخر - نه ڪا ٻي دوائي آهه

ماتا جسوڌا جا اهي واڪ پڏي سيٺي کو پهرن ويچار ڪيو ته هي ڪم جو سؤ ٻو ڪو زور جو ڪونهي قرب تي ڪرشن راضي ٿي سگهي ٿو ٿالي سيٺي ملي ڪرشن ڏي هڪ پڇاڙيءَ جي پترڪا لکون ۽ اهي قاصد هٿان مٿرا موهن ڏي روانې ڪيون من پريم سان ڇيون ٻاڻي ڪو رحم پريس پوءِ هليو اچي سو پريائين مس قلم ڪڍي ماتا جسوڌا ڇٺي لکڻ لڳي.

(ڀڄن راڳ ڪنڊسي ١٣)

ٿل- آءُ ڪرشن ڇلايان ۽ جهولڻ ۾ - لکڻ ار لڏايان ۽ ڏولي ۾
١- لکو ڏيهن وڃي لتي رات وڃي - لڪو مانڻ مت پنڊچات وڃي
لڪي لالڻ ڪڏهن جي لات وڃي - اسين ٻڏل تڏهن جي ٻولي ۾

٢ - ڪڏهن ونهه ايندو ويرو ڪو - خوش خبر اندر نا خبر ڪو
ايهو ڪهڙي ڪو ڦند ڦير ڪو - ڇل ڇڪندڙ پويس ڪا ڇولي ۾
٣ - موکي آهي اندر ۾ اڪير ابا - هر روز پڇان ٿي پير ابا
مان مڪرط مصري ڪير ابا - اڄ لال وڃي ڏيان ڍولي ۾
٤ - ڀلاڄ وڇوڙي مار نه تون - ايڏي ڏاهر ڏيهه جي ٻار نه تون
ڪ خلقت ۾ بي خوار نه تون - ڇڏ ڪين اڪيلو ڇولي ۾

هن طرح ماتا جسوڌا موھ وچان وڏي شام سندر ڏي ڏسڻ جي ڏاڍي ماسان ڇڏي لڳي مدهوس ڪري اکين جون آنسون ڀري نيشالي وڏي جتين ڪرشن سمجهي ته ماتا کان ڇنيي لڳدي آنسون اچي ويون تڏهن ڪانپوه را ڏڌا مس قلم ڪاغذ ماتا جسودا کان ولي ايڪانت ۾ ويهي پڌهجي پورن پريم سان پٽر ڪا لکڻ لڳي -

---

(پڌن راڳ پيلو ١١)

ٿل - ويدڙيس مري مان هاء - ڪرشن ڪري ڪري
سانول ٻيا نه مدهجي ٿي - ساعت سري سري
١ - ڏن رات ايها ڏات - ٻي وائي نه وات ۾
جاني جدا ڪو ڄوش ۾ - جهرو جري جري
٢ - روئي ٻسايان پاند مون - آڏس جي آب سان
ڳالهيون ڪڍي ٿي ڳار ۾ - ڏاڍي ڳري ڳري
٣ - هڪ طرف آ اميد - ٻي طرف ڪا نه آهه
جڏهن لنه جهٽي ٿي جان - ڏکا ٿي مري مري
٤ - جادو نه جڏهر مدهر - ڏکو پر پڪي جا
ڀلاڄ ٻرڻ ڪي ڪيو - قسمت ٻري ٻري

هن طرح راڻان روئندي روئندي لکي پنهنجي پترڪا پوري ڪئي جنهن کان پوءِ للتا سکي راڻان کان مس قلم ڪاغذ وٺي شام سندر ڏي پريم سان ڀريل وانگر پترڪا لکڻ لڳي سندس دل ڀڳل ٽٽل هئي وڌي قلم ۽ هٿ ڏاڍي مشڪل ٿي پيو هر هر هٿ مان قلم ڪري پوي ۽ اکين جي آنسن سان چٺي ڀڄيو پوي وري سنڀالي آخر دل کي پڪو ڪري چٺي لکڻ لڳي.

(پڃون راڳ پيلو ١)

ٿل - چٺي ڏي چٺي — موهن ماڻا چٺي ڏي
سکين کي سعائط — سياڻا چٺي ڏي
١ — اسان جي اندر — مندر ڪر مراري
پنهن جا تون پاڻان — ڏکڻا چٺي ڏي
٢ — ڀاڳي پريم ڀري — سکو آ ساڻول
رڳن ۾ رسڻ کي — تون راڻا چٺي ڏي
٣ — وڻي سيڪ سومون — نه پوشاڪ ڀٽ جي
وليءَ جا نه وارث — وڏا چٺي ڏي
٤ — سڄي رات روئي — پساڻي پترڪيون
اصل جا نه ايشور — ابا چٺي ڏي
٥ — ڀڄا ڙيءَ جي ڀلاج — ڏئي موڪلائي
پريمي نه پڌهنجا — پرڪا چٺي ڏي

هن طرح للتا سکي آخر پريم سان ساري چٺي لکي پوري ڪئي تنهن کان پوءِ ڪاغذ چندر ڪلا سکي مس قلم وٺي شام سندر واسطي چٺي لکڻ لڳي ڪنهن وقت نه سوچ ۾ پئجي وئي ته شام سندر ڏي لکان ته ڇا لکان ڇا - ڪهڙي سوز جو سبق لکان جي

لکان ته ڪهڙي طرح لکان. آخر ويچار ڪري ...
کي خار ڪائي خوب ... جي لکڻ ...
سارو قصو ڪيڏي خراب ڪيو آهي.

(پيلو راڳ - پيروي ١٦)

ٽل. ڪرشن ڪهن وٺيندين ڪيڏي ماڻ
ان بيحد پيو ...

١ - اسين مدد مدد ڪري ٿڪيون - تون سڀ ڪجهه ڄاڻين ٿو
پر ڪروڙين ڪالهي ڪري ٿڪيون -
ڪڏهن ڇاهه جهڙي تون ڇڏائين ماڻ

٢ - هڪ ٻئي ڪري جو ڪارو ٿيو. ٻه ٻڪ سندس نيڻا رو ٿيا
پيو وات چٽڪ ڇڪو ڇارو ٿيو. ٿا ڳوڙها وهن رنن ڪنجهڙي ماڻ

٣ - پيو ڪڏهن ڇوڙا ڳوڙها اٿس - ٻه ٻاجهه ڇوڙا لوڙها اٿس
وري ڏهن جيڏا ڏوڙها اٿس
تيون جوڻان ڪرن تيون ڇڏڙي ماڻ

٤ - پهلاج وساري سهڻيون سکيون
وڃي ڪيڏي پر تون ٻڌايون اکيون
ڇنڊڇاڻ مڃن پر ڪرن پيون مٽ ته مکيون
ڪهڙو سواءِ آهي تو سڃڙي ماڻ

هن طرح ڇند ڪلا سکي ڇٽي لکي پوري ڪئي جنهن ڪان پوءِ
پريم مان وملا سکي مس ڪاغذ وٺي ڇٽي لکڻ لڳي. وڏي پريم
مان نيڙاري نمرتا پيڙل شام سندر جي دل کي پڳهائيندڙ اکر
موتين جهڙا پوئي اکين مان پريم جو پاڻي آڻي لکڻ لڳي -

(ٻاجن راڳ ڀيلو ١٧)

ڏل - هلي آ هلي آ - هڪواري هلي آ
مٺڙا لال منهنجي - مراري هلي آ
١ - دفعو ڏک ڪر تي مان - ڇوان ٿا ڇتائي
تون ڏهه ڏهه ٻيرا - ڏهاڙي هلي آ
٢ - سکهو شام پنهنجو - مٺو منهن ڏٺائي
تون ڪل ڪل ڪندو - اڄ ڪلاري هلي آ
٣ - رکي مکڙ تي مرلي - وڄهه مان وڄائي
سکهو راس رچ - راس ڪاري هلي آ
٤ - رڙي روز تو لئه - تو ڀالاڄ ڀيارا
ڀلي ٻرج ۾ اڄ - ٻهاري هلي آ

هن طرح سيدي کي ٻين پنهنجي پنهنجي ٻرڀر مان جدا جدا چٺي لکي پوءِ سڀ ڪٺيون هڪڙي لفافي ۾ بند ڪري مٿان شام سندر جو ڏالو وجهي قاصد کي سڏ ڪري سمجهائي ڇالون ته هي لفافو وڃي وسديو جي ڪرشن کي ڏي ۽ ڪجهه زباني ٻه اسانجا احوال ٻڌائجانس وري جلدي جواب وٺي ورجان ۽ وڃ سکهو.

(ٻاجن راڳ لوڙائو ١٨)

ڏل - وڃ خاطو ادا هي خطڙو کڻي - جتي موهن آ مترا جو ڏڻي
١ - وڃ وير سکهو ايڏي ويهه ڪر - وري پٺعان پوڻان پهرڙ ڪر
ڏرڏيان ڏڻي جو ڏيرڙ ڪر - هتي ڪهرچ ڪو ٻڌو هي آهي اکڻي
٢ - وٺ سون سندي ڪي جوڙي ڏيان ۽ -
۽ مندي ساٺ منصوري ڏيان ۽

ٻي موٽي محبت پوري ڏيان ۽ - وچ سيکه آڏامي ٻاز ٻڌي
٣- هي حال ڪرشن ٻڌائجه وڃي —
پرين شام سندر کي ٻڌائجه وڃي
ڪجهه ڏينهن ونس تون رهجه وڃي —
وٺي ورجان ۽ موهن سرجو مٺي
٤- ڀلاڄ اها هيءَ ٻارت ڳٺي - ڪرڻ خاطر خوشيءَ مان هي خط ڳٺي
اکيان شام سندر جي زيارت ڳٺي - تو تي مهر ڪندو گهنشيام ڪٺي

هن طرح قاصد کي سمجهائي ڇڏي هٿ ۾ ڏئي ڪجهه رستي واسطي کاڌ خوراڪ ڏيئي روانو ڪيو قاصد ڇڏي ڪٺي چاهه مان شام سندر جي درشن جي دل ۾ اميد رکي ڦرب سان ڪاهيندو هليو ۽ رستي ۾ به پڇائيندو هليو تہ موکلي به درشن ڏيندو ۽ مهندجا ٻي ڀلا ڀاڳ ڏيندا جو ڪرشن جو مکڙ ڪنول ڏسندس ۔

(ڀڄن راڳ آسا ١٩)

ٿل- متراء موں سان موهن - ملندو ضرور جيڏيون
ڪٽ تي چاڙهي خلاصو - ڪلندو ضرور جيڏيون
١- قاصد وڃان لوڪا هي - سري ڪرشن جاتي آهي
احوال جيڪو آهي - پڇندو ضرور جيڏيون
٢- آهي اميد موکي - موهن جي ملڻ جي
ڪو ڪل ڏي حال هيڪر - هلندو ضرور جيڏيون
٣- محبت مڻان مراري - موهت ضرور ڏيندو
ڪو پنهن جي ڪهڙ ڪڏ جي - ڏسندو ضرور جيڏيون
٤- ڀلاڄ پريم آهي - گهنشيام سان گهمڻ جو
ڪل سان ڪلو ملائي - گهمندو ضرور جيڏيون

هن طرح قاصد پهرين پڇائيندو پريم ۾ لڙندو لهندو پڌ ڪندو اچي متهرا ۾ پهتو وشديو جو گهر پڇائيندو اچي شام سندر جي محلات ۾ پهتو ڪرشن ڀڳوان جو درشن ڪري پرسن ٿيو شام سندر جي چرڻن تي ڪري پيو ڪيس ڪرشن ڀڳوان ڪلهي ڇاتي سان لڳايو پوءِ وهاري ڪاڻس خبر چار پڇي تہ تون ڪير آهين ڪٿي ويٺو آهين ۽ ڪٿ کيئن آيو آهين سو سارو سماچار سڻاءِ قاصد ڪرشن مهراج جو واڪ ٻڌي هٿ جوڙي جواب ڏنو تہ سوامي مان گوڪل مان آيو آهيان موکي گوپين هيءَ چٺي ڏني قاصد ڪري موڪليو آهي اوهان جي ملڻ واسطي.

(شعر)

گهنشيام گوڪل مان ڪڍي - گوپين مڪو مون گوال کي
پريم سان هيءَ پترڪا - ڇيائون ڏجان نند لال کي
پڙهه پريتم پرير سان - اندر لکيل احوال کي
برهائي جو چيائون - تڏهن ئہ سڻ تون سوال کي
تو ٻنا آرام ناهي - زال کي ڇا ٻال کي
آرسي ماتا جسودا ٻي - بري بي حال کي
راڌڪان للعا سکيءَ ٻي - رت پيئو رومال کي
۽ چيائون عرض هي ڪجهہ - تون ڪرشن ڪرپال کي
تهدڪري گوڪل وڃو - تيا ڳي اچائي خيال کي
ناٿ وچ يا سيکهہ گوپين - لاءِ گوڪل ڪال کي

هن طرح قاصد ڪرشن کي سارو سماچار سڻايو ۽ هٿ ۾ لفافو ڏنو ۽ ڪجهہ گوپين سان ملڻ واسطي شام سندر جو ڏيان ڇڪائي چيو تہ توهان گوڪل هلو اوهان جي سڪ ۾ ٻاٻا نند جسودا ۽

گوپيون سڀ ڀڳي حال آهن رات ڏينهن سڌيا ري رهيون آهن
تنهن ڪري اوڌان ڪجهه وقت گوڪل ۾ هلو ته گوپين جو پرم.
۾ موٽ ڏي ويندو قاصد جو شام سندر سارو سماچار ٻڌڻي دل ۾
ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ گوپين جي پريم کي ساراهڻ لڳو تنهن کان پوءِ
لفافو ڦاڙي هڪ هڪ چٺي جدا جدا پڙهڻ لڳو پڙهندي پڙهندي
اکين مان آنسون ٿي اچي ويس سارو وقت نير وهائيندي
وهائيندي چٺيون پڙهيائين ۽ گوپين جي سڪ کي ساراهڻ لڳو ۽
دل ۾ پرسن ٿيڻ لڳو.

(ڀڄن راڳ پهاڙي ٢٠)

ٽل — هزارين مڙهن ٻڌا ماڻهو — مگر سنڌا رکي ڪي ڪي
ڪروڙين ڪدس جان ڪهڙي — سچا سردار ڪي ڪي
١— آهن جي خان ۽ خاني — خوشامد تي ڏين ماڻي
دلاوره ان جا داني — سخاوت دار ڪي ڪي
٢— سوين مگر سان ڇوڙ وارا — هزارين نر ڪهڙ وارا
مگر ونجئي رهڻ وارا — ٻهنگر نروار ڪي ڪي
٣— هزارين پريم جا پياسي — ڇون سنسار آڻا سي
ڇڏن جي موهه جي ڦاسي — اهي اوڌار ڪي ڪي
٤— ٻڌي پهلاج ڪيڏي پاڻهون — وهائن آنسون ۽ آهون
مگر دم درد جون داهون — ڪرن دلدار ڪي ڪي

هن طرح ڪرشن ڀڳوان گوپين جي پريم جون پترڪائون
پڙهندو پڙهندو سڪ جي سمنڊ ۾ ٻڏي ساڻجي ويو ڪنهن مهل روئندو
ٿي ته ڪنهن مهل کلندو ٿي ڪنهن مهل سڏڪا ڀري سڪين کي ٿي
سڏ ڪيائين مطلب ته شام سندر کي به گوپين جو پريم ويڙهي ويو

آخر جڏهن ڏٺئون ڏهيون ڏاڍي ڏوريون ڪيائين ۽ پوءِ قاصد کان
احوال پڇيائين ته ماتا پتا ۽ پيا گوڪل جا گوپ گوپيون خوش
هوا موڪلي ۽ ياد ڪندا هوا. قاصد ڪرشن جو سڀ احوال ٻڌي
چوڻ لڳو ته سوامي رات ڏينهن اوهان کان سواءِ ٻي ويچارن
کي واڳي وات ۾ ڪانهي آڻيندي وهندي اوهان جو جاپ اٿن
ڪرشن ڀڳوان ٻڌي چوڻ لڳو ته ڀائي پريم جو پنڌ ڏاڍو ڏکيو آهي
ڪو ورلو پير پائي .

(ڀڄن راڳ ڀيم ٢١)

ٽل- ڏکيو آ سڀ کان هي واپار پريم وارن جو
اٿا لڳو پنڌ آهي پار پريم وارن جو
١- وڃايو هار ۽ سينگار پريم ڪرڻ جو
پدائي پريم تو پروار پريم وارن جو
٢- ڀڃايو ورک جو ڪٽورو پريم ميران کي
ڇڏائي پريم تو گهر بار پريم وارن جو
٣- پڪايو پريم هو سيٺي ۽ ڪٽي سر ۾ آڻي
ستائي پريم تو سينگار پريم وارن جو
٤- ستا ها سور پهلاج ٻيءَ ڄا ڪيڏا
جلائي پريم تو جسار پريم وارن جو

هن طرح ڪرشن ڀڳوان مرهروري ٻري کولي ڇڏيون ڳاهي
ٿي گوپين جي سنڪ جي سار ادر ڪٽي ۽ ڏيهن وارن جو پنڌ ڏکيو ٿي
ڇيائين اهڙن آڏمادن ڪندي شام سندر کي سارا ٻه پهر گذري
ويا ڪائنس شاهان سنڌيا ۽ وسري ويا ۽ مرهر گوپين جي صورت
ٿي اکين اڳيان ڦريس ڀڳوان ڌيان اهن خيالن ۾ هو ته آئي آن

مهل متراجو رهندڙ اوڌو نالي هڪڙو گياني جو مشهور هو سو ٻه
ڀڳوان سان ملڻ واسطي آيو ته ڪرشن مهراج کي غمگين ڏسي
اوڌو هٿ جوڙي پڇڻ لڳو ته سوامي ڇو اڄ اوهانجو اندر اداس
ٿو ڏسجي - ڪهڙي ڪليجي تي اداسي جو ڪڪر ڇانئجي رهيو
آهي ڪجهه ياد ڪيري ستايو اٿو يا ڪا بيماري اٿو سو سگهو سڻايو
ته علاج ڪجي - گيانيءَ کي هميشه خوش دل رهڻ گهرجي - گيانيءَ کي
هرڪ شوڪ ڪو نه ڏهندو آهي - ڪو مري ڇا ڪو ڄمي ڇا ڪو اچي
ڇا ڪو وڃي ڇا، گياني سدا نرليپ نيارو ڪنول گل جان رهندو
آهي، سارو برهمنڊ جي ناس ٿي وڃي تڏهين به گيانيءَ جو من
وياڪل نه ٿيندو آهي هميشه سمير پربت وانگي اچل رهندو آهي
دکه سکه ديهه جو ڌرم آهي نه آتما جو، آتما امر آهي سکه سروپ
آهي هميشه بي غم آهي پوءِ غم ڇا جو، اوهان پاڻ گيانوان آهيو
پوءِ غم جو دل تي ڌاريو اٿو .

(شعر)

بهاري باغ من وانگي - سدا گلزار آ گياني
جگت جي خيال گوڻن کان - نسنگ نروار آ گياني
نڪو مرندو نڪو ڄمندو - نڪو قائم رهي ڪوئي
نڪو پنهنجي پرائي جو - ڪندو ويچار آ گياني
نڪو دوست نڪو دشمن - نڪو چاهي نڪو ڏاهي
هرڪ ۾ شوڪ پوءِ ڇا جو - سدا غمٽار آ گياني
دنيا دريا هر جان آهي - ڪيتي ترندا ڪيتي ٻڏندا
خوف خطرو نه آ تنهنکي - دريا دون پار آ گياني
روئڻ ڇا جو رسڻ ڇا جو - کلڻ ڇا جو ٽلڻ ڇا جو؛
سدا سروپ ۾ آنند - ڪندو وهنوار آ گياني

نه ماري ٿو نه ڳاري ٿو — وڇوڙو پوءِ ڇا جو ٿيو
ڪڏهن لڳهي نه لهون ۾ — ڏيندو لاچار آڪيائي
ٻهارن جي مثل ڦهلاءِ — منزل گيان جي آهي
سڄي سنسار جو سرڏار — ۽ سيڏگار آڪيائي

هن طرح اوڌو ڀڳت گيان جو گفتگو ڪرشن کي ٻڌائڻ لڳو جنهن سندس ۾ ڀاڳ جو ڪهڙو وڇوڙ لڳو. شام سندر اوڌن جا وچن ٻڌي چوڻ لڳو ته اوڌو تنهنجي ڳالهه سچي آهي پر پريم جو پرواهه اهڙو آهي جو سڀ جو گيان ڌيان ڀلائي ٿو ڇڏي. اوڌو چوڻ لڳو مهراج گيان جي منزل کي ڪوئي ٻي نٿو واهي سگهي ڇا هي پريم سچي چاهي موهه هجي. شام سندر ٻڌي چٽ ۾ چوڻ لڳو ته اوڌو کي گيان ڪهڙي آهي سو سندس ڏنائيءَ سو ڀاڄران اوڌو کي چوڻ لڳا ته ڀائي اچ گوڪل مان گوپين جون ڇٽيون آيون آهن جن کي پڙهي منهنجو من مايوس ٿي ويو آهي گوپين جو مون ۾ اهڙو پريم آهي جو ڪنهنجو ڪو نه هوندو. اُهن ڀترڪائن کي پڙهي ڪجهه اکين مان آنسون اچي ويون آهن ۽ اداسيءَ جو خيال ٿي پيو آهي ڀائي اوڌو موٽڪي گيان ڌيان ڪان ٻيهي ٻيارو آهي پريم وارو موتسان جلد ملندو آهي.

(ڀڄن راڳ ڀيروي ۲۱)

ٿل — آهي پريم جڳ ۾ — ملئو شام تنهنڪي
پدا پريم ڪوئي — نه ملندو ڪشن کي
۱ — ڇڏي ڀت پرامرط — ويو ڀيلڻيءَ وٽ
خوشيءَ مان کاڌائين — ٻيڙيءَ جي ٻيرن کي
۲ — دريوڌن ٻٽايا — هوا ساڳ سيرا

ڇڏي پد رجي کهر – ڪا ڏائين ڪلن کي

٣– ٻوڄارن جا ٻيرا — ڇڏي مال ميوا

۽ ڪرمان جي ڪچڙي — وڏي وئي وشن کي

٤– رکي ڏيا ز ٽڙت — هيٺائين جو هلندو

سوئي مدش ڀلاج — ملندو موهن کي

هن طرح شام سندر اوڌو ڀڳت کي پريم وارن جو پرماڻ ٻڌائڻ لکيو پر اوڌو کي جو گيان جو نشو چڙهيل هو سو ڇوڙ لکيو ته سوامي گيان ڪان مٿي منزل ڪا نه آهي ايهي پريم عشق آتي آهن جهڙي دئيت آهي ايڪتا ۾ ڪجهه بي ڪو نه آهي نه ميلاپ نه وڇوڙو نه سڪ نه عشق ايهي سڀ اگيانن جا آلاپ آهن گياني سدا ايڪ رس ٿاڻ ۾ پورڻ رهندو آهي وڇوڙو ڏيهن جو آهي ڪو آتما ۾ وڇوڙو ميلاپ ڪو نه آهي.

شعر

آتما ۾ ور وڇوڙو — ۽ جدائي ڪا نه آهه

دلربائي بي حيائي – بي وفائي ڪا نه آهه

سڀ سچائي آتما ۾ – ڪا ڪچائي ڪا نه آهه

سرو ۾ سندس سمائي – ۽ اوڻائي ڪا نه آهه

وات ۾ هر ڪنهن کي وائي – پر ڪمائي ڪا نه آهه

ڇهن سان سيدي چوائي – پر پڪائي ڪا نه آهه

ڪنهن نه ڏاهي ڪنهن نه ڏاهي – ڪنهن وڃائي ڪا نه آهه

ڪا نه آئي ڪا نه جائي – ۽ پرائي ڪا نه آهي

خوف ڪاهي ۽ جفائي – بي خطائي ڪا نه آهه

جوت ري خالي جڳت ۾ - جاءِ ڪائي ڪا نه آهه
پريم سان ڀلاج ڪيائين - ڪي ٻي وائي ڪا نه آهه

اوڏو ڏيکت جا هي ڪيان وارا گهوڙا ٻڌي گهنشيام ڇت ۾ ڇيو ته هن ڪري مثالو گهڙو آهي سو ڪهن نموني لاهڻ گهرجي هٿ ڪهن ٻه منزل واري واسطي ڇڱو نه آهي ٻوءِ اوڏو کي ڏيکوان ڇهو ته هي ٻائي پريم جي ڏو کي خبر ڪانه آهي ٻي درد کي درد جي ڪهڙي خبر، هيءَ خبر انهن کي آهي جن کي هيءَ بيماري لڳل آهي پريم وارن کي سرير جي سڌ ڪانهي ڏو کي ته سڀ ڪجهه ڏو ٻاسي پرٻرهن وارا ويچارا رات ڏينهن برهه جي باهه ۾ ٻرندا وڃن وڃي انهن کان خبر لهه ته قدر ٻوئي ٿي .

(ڀڄن راڳ ڀاڳ ٢٢)

ٿل — پريم جو پرماڻ سارو - پريم وارن کان پڇو
نينهن جو نيشان سارو - نينهن وارن کان پڇو
١ — پريم ڀڳتي کي ڀٽايو - ديش ۽ پرديش ۾
پريم جو پرچار سارو - برج وارن کان پڇو
٢ — پريم ڪو پرچند کي - اچ تخت ڏان لاهي ڇڏيو
پريم جو پرڪاش سارو - ڀڳتن پيارن کان پڇو
٣ — پريم ميران کي ملايو - زهر ڪا ريهر وجهي
پريم جي پرماڻ ساري - گوپ ڏارن پڇو
٤ — ڀدڪر ڀر ڏوءِ کي ڪيو هو - پريم جي پيالي وجهي
پريم جو پر سدڪر سچو - ڀلاج ٻارن کان پڇو

هن طرح شام سدر اوڏو کي پريم وارن جي اندما ڏيکاري ٻر

اوڌو کي جو گيان جو نشو چڙهيل هو سو ڪرشن ڀڳوان جي وچن
ڪيس اثر ڪو نه ڪيو آخر چيائين ته توهان مونکي موڪل ڏيو ته
مان وڃي گوڪل ۾ گوپين کي اهڙا جو اپديش ڪري گيان
ڏيئي ٿو اوهان مان موهه ڪڍي اچان. ڪرشن ڀڳوان ٻڌي
ويچار ڪيو ته هن کي ڏاڍو هٺ آهي تنهنڪري ڀلي کيس گوڪل
۾ موڪليو وڃي جو گوپين جو پريم ڏسي ته سندس هٺ لهي اهنڪار
گيانيءَ واسطي چڱو نه آهي.

(ڀڄن راڳ پيلو ٢٣)

ٽل- جهڙيءَ جي اندر ماڻهو ــ اهنڪار رهندو
اتي ڪين ڪڏهن ــ نرهنڪار رهندو
١- تلوارون ٻه هڪڙي ــ نه مياڻن ۾ ماٽن
خوديءَ جي جڳهه تي ــ نه خداڪار رهندو
٢- سچائيءَ تي سائين ــ ملي ٿو سدائين
ڪمت واري وٽ ڪين ــ ڪرتار رهندو
٣- رهي هٺ وڏائي ــ نه تڪبر ٿيا هي
سدا ٿيا زنگار ــ نمسڪار رهندو
٤- ڪيو پريم ڀالاچ ــ قائم رهيو سو
هٺيلو مرڻا ڪس ــ نه هٺيار رهندو

شاهه سندر ويچار ڪري اوڌو کي ڇهو چڱو ڀلا تيار ڪيءَ وڃ
گوڪل ۾ گوپين کي گيان جو اپديش ڏئي کين هميشه لاءِ آنند ۾
استت ڪري اچ ايڏو اسان ٿي ٿورو ڪر کين چڱيءَ طرح وڏي
گيان اپديش ڏجانءِ جو گيان جي منزل ڏکي آهي جنهن سندن

دماغ ۾ پوريءَ طرح ويهي ۽ تنهنجي محبت ۾ سڙيل ٿي ۽ منهنجو
موهه ۾ ڦاٿي وڃي.

(ڀڄن راڳ، ماجهه ٢٤)

ٽل- ڏيج ادا اوڌو سکيو هن - وقت گوڪل ڳام ۾
گيان گوپين کي ڏجان ۽ - ڏون سنيش ۾ پيا مام ۾
١- ايڪتا آهئيت جو - اپديش گوپين کي ڏئي
ڀر انتي اندر تنهنجو - آڻجان ۽ آرام ۾
٢- ڀرهر سچدانند آنند - ڪند ۾ ورتي رکو
۽ هرين کي چئجه تون - جو ڇا رکيو آهي شام ۾
٣- عيش عشرت دؤر دنيا - جا مزا مائيون سدا
ڇا رکيو آهي ڀلا ڀرهه - بي حيا بدنام ۾
٤- گيان واري کي ملي - مڪتي نه بي کي ڪي ملي
جو اجايو خيال لاتو - آهي اوهان هن خام ۾
٥- پرمسان ڀلاج - گوپين کي وڃي ڏي گيان هي
جئن سدا من جو مهارو - ڌارهي گهنشيام ۾

هن طرح اوڌو کي سمجهائي ڀڳوان گوڪل روانو ڪرڻ لڳو
پوري ويچار ڪيائين جو مٿان کيس گوپيون ڏسي سمجهائن سو
ڀڳوان پنهنجو مڪٽ ۾ اوڌو کي پهرايو ۽ ڪڍن ۾ ڪنڊيل ڏسي پاڏ
۽ ڪلي ۾ ڀيعا نمبر بي پاتو ۽ پنهنجي گهوڙن سميت رٿ ۾ ڏنائين
۽ چيائين ته هاڻي چڙهي پو سکيو وڃ ديرنه ڪر اوڌو ڪرشن ڀڳوان
کان موڪلائي رٿ ۾ چڙهيو آهستي آهستي گوڪل وارو رستو
وٺندو هليو. پر ڏل ۾ اهڙي پئي پڇائيندو هليو ته ڇا وڃي گوپين

کي ڇوان ۽ کين ڪهڙو اُپديش ڏيان ايهي دليل ويچاريندو پرم
سان پرما تما کي ياد ڪندو هليو —

(پيلو راڳ پهاڙي ٢٥)

ٿل- والي وسي تو وشو جو ڪارو بار ۾
توکي طالب ڏسوارن ٿا تار تار ۾

١ — چنڊ ۾ چانڊاڻ تنهنجي — سج ۾ سوجهاڻ تنهنجي
آب ۾ اڇاڻ تنهنجي — چمڪار ۾

٢ — گل ۾ گلاب تنهنجو — ادب ۾ بہ آب تنهنجو
پن پن ۾ تيزاب تنهنجو — ۽ ڏار ڏار ۾

٣ — ڏک ۾ ديدار تنهنجا — سپ ۾ سينگار تنهنجا
آهن اوزار تنهنجا — ڏس نار نار ۾

٤ — جوڳي توکي ڳولين ٿا — پهلاج ڏيپ ٿين ٿا
ڏن ۾ وڃي وسن ٿا — غفا غار غار ۾

هن طرح آتما آنند ۾ مستر لين ٿيو اوڏي وقت ڪنهي ٻاهر جيڪ
ڪندو پريم سان پرما تما جو جاپ جپيندو اچي سکر سان گڏ گڏ
جي ٻاهران جمنا جي ڪناري تي پهتو شهر جي ٻاهران وقت ٻهاري
گهوڙن کي پاڻي پيئا رهيا لڳو — هيڏا هن گوپين بہ پرسان ڪساٽ
تي بيٺي سنان ڪيو — ۽ ڪن ڪپڙا ٿي ڌوتا ڪن پاڻي لئي پريو
آتسان ڪندي گوپيءَ جي نظر وڃي اوڏو تي پئي سو ستي ڪري
پين سکين کي چوڻ لڳي تہ اڙي هوڏاهن تہ ڏسو شايد شام سندر
گوا چي کهڙا بہ ساڳيا آهن مور مڪٽ بي گو ڏسڻ ۾ اچي ۽
وقت بہ شايد اهوئي آهي سو ممان پترڪائن جي پهچڻ ڪري
ڪرشن ايندو هجي هلو تہ وڃي اچو ڏس ممان موٽي نہ وڃي سو
سڀ سکيون اُٿي هليون جن ڪپڙا ڌوتا سي ڪپڙا آتي ڇڏي

جن ٻاڪي تي پريو ٿن کهڙا آڻي ڇڏي جن ڏاسڙ تي مليا سي ڏاسڙ
آڻي ڇڏي جن شڌان تي کيو سي شڌان اڏر ڇڏي جن پساٺ
پوڄا تي کهو سي پاٺ اڏر ڇڏي جن سورج کي ٻاڪي تي ڏنو سو
لوٽو اڏر ڇڏي جن پارن کي تي شڌان ڪرايو سي ڏار آڻي ڇڏي
آئي ڄوڙ پاڻائون ڌل ۽ ڏاڍيون پرسن ٿيون ڪين ايڏي خوشي
تي جنهن ڀڳتي کي روٽي ملي ٻاسي کي ٻاڪي ملي ڪرڻ کي ڏن
ملي ٻس کهڻ ڏيڻ جو وڄڙو ڪهن ورائي ويو هو سو اڄ پرسن
ٿيون ۽ ڌل ۽ جوڙ سکيون ڌ هاڪي ساتول سان ملي ڌڪر ڌور
ڪنديون سي ڪجهه ڪرشن کي ڏورا ڏينديون سي ايهي
ٻه ڀڄائينديون هڪ ٻي کي سڏ ڪري هليون -

(ڀڄن واڳهه - سهڻي ٢٦)

ٽل - اڄيون شام آيو - آ جهدا ڪدا ري
ٻڌان ڏس کهوڙن کي - ڏو ٻاڪي ٻيا ري
١ - مکٽ مور سا ڳيو - موهن کي متي تي
کڏيون نيڻ نرمل - ڏو ڏازڪ ڏها ري
٢ - ٻڌي لال کهوڙا - ۽ رت ٻي آهو ٿي
جنيجي ٿي هٽڪار - جو ۽ کي جٽا ري
٣ - هلو سهڪهه سڌهري - سڏي ڇوڻ سڌر کي
معان موتي مڌرا - وڃي واڳهه واري
٤ - کهڻا ڏيڻ کو ٻين - غمن ۽ گذار ڏا
سکن جو سمون هاڪي - آيو سڌيا ري
٥ - ڪري ٻرهم ٻهلاچ - آيو وطن تي
وري شام سڌر - ڌ وهڌو وسا ري

هن طرح گوپيون ڪاهن وانگر ڪاهه جي معنا ن ڊوڙنديون ٿي
ملڻ اوڳاڙي پند ڪندي آهي ۽ پهچڻ پهچڻون ڇا ڏسن، جو رت
ڪپڙا ستا ڪيا آهن پر ويچل ماڻهو شايد ڪو پيو ٿو ڏسجي ڪا رٿ جو
شام سندر سانورو آهي ۽ هي پر ڪو ڏسجي ائين آهي ته اسان جو
من پلي پيو آهي سو انهيءَ شڪ جي اندر گوپيون جو من مڇڪي ويو
هاڻي ڇا ڪن جو ته اڪيلي هلن ٿيون ته پوئتي ٿيون موٽن آتڻ
پيهي رهيون هڪ ٻي کي ڇوڙ لڳيون ته پيٽ هي شام سندر آهي
اهائي پيو ڪو آهي.

(شعر)

مٿڪ ساڳيو پر مکڙن ته ساڳيو - ڪنڊل ساڳيا ڪن ۾
پيلو پيتامبر ۾ ساڳيو - پر نه ساڳيو بدن ۾
رت ۾ ساڳيو پر نه ساڳيو - مدر مڇڪي مکن ۾
لال ڪپڙا ٻي آهن ٿي - پر چال ٻي آهين ۾
مکڙن جو سروپ ساڳيو - پر نه ساڳيو سڌن ۾
ڪن اکيون ساڳيا انس - پر لات ليا ري لهن ۾
هي نٿون نازڪ لڳو ڏسجي - شام پڪ رو سون ۾
يا ڪٿا ڪدري ڏهاڙا - ويرکي ويا وطن ۾

هن طرح گوپيون اپڪ دل ۾ دليل ڊوڙائينديون آهستي
آهستي هلنديون رهيون پر سندن پيرا ڪي وڌڻ ڪان روڪجي
ويا جو دل ۾ اهي شڪ پين ته الائي ڪهڙ آهي معنا ن ڪو ڪرشن
جو روپ ڌاري اسان کي ڀلائڻ آيو هجي يا معنا ن ڪرشن پنهنجو
ڀيڪ ڏيئي اسان جي پرکيا واسطي ڪو پنهنجو ماڻهو موڪليو
هجي. يا اسان جي اکين اکيان ڪو شام سندر جو ڀا ڇائون ڏرندو

هجي جهنڊڪري سڀ آهي ڪرشن وانگر نظر ٿا اچن يا ڪو ديو
ديوتا يا ڪا پري ڇا يا آهي يا ڪو ڀوت پريت آهي ڪهڙو ڪا نہ ٿي
پوي ڄاڻي ڇا ڪريون هن طرح اڌماه ڪنديون آخر اٿي وينديون
هليون اچي رت جي ويجهو پهتيون ۽ وري نہ پاڻ ۾ چوڻ لڳيون
تہ خبر ڪا نہ ٿي پوي هن هن ۾ وڏو تفاوت ٿو نظر اچي .

شعر

تون شام سندر سانورو — هي بدن ۾ پورو صفا
هو نند لال آهي نديڙو — هي جهب جهڙو جهڙو صفا
هنڪي ڪيس ڪا راس منڊان — هي ڊهڻ جو ڏورو صفا
هنجا لال لب لاڻ برابر — هي چپ چٽيل جو رتو صفا
هنجا ڏند ڏاڙهون ء برابر — هي ڏند پڪل ڏورو صفا
هو بدن ۾ پريو ر آه — هي پتڪڙو پورو صفا
دو من مڻ هيدڙ مور آه — هي ڪانگ جان ڪوڙو صفا

هن طرح گوپيون ايڪ اڌماه ڪنديون هڪ ٻي ڏي .
نهاريندين هليون آخر زور سان هن کي ولي هليون ۽ چيائون
هلي ڏسون تہ سهي جو ڪير ٿو اچي آخر رت جي پرسان پهتيون
گهوڙا گوپين کي ڏسي ڏاڍي زور سان هڻڪارون ڪرڻ لڳا ۽
اکين مان آنسون اڳڻ لڳا . گوپين گهوڙن جي هڻڪار کي ٻڌي
سمجهيو تہ متان ڪرشن نجي جو گهوڙا ٿا سڪ سان سواس
ڪڍن سو گهوڙن جي ڀرير کي ڏسي گوپيون ڊوڙ پائي وڃي گهوڙن
کي چنڊيون ڪا پهون ٿي ڪري پئي تہ ڪٿا ڪنڊ ۾ پاڪر وجهي
پيهي رهي کي رومال ڪڍي گهوڙن جـ ن آنسون اگهڻ لڳيون
گهوڙن جي ڀرير کي ڏسـ گوپيون نہ اچي روئڻ ۾ چٽڪيون وجهي

گهوڙا به ڪوپين جي پريم ڏسي اکين مان زار زار آنسون اوٽڻ لڳا. ڪوپيون گهوڙن جي پريم کي ڏسي ڏوڙ لڳيون ته پيڙ ڏسو ته موهن جو موهه مرن کي به آهي.

(ڀڄن راڳ ڀيروي ٢٧)

ٽُل – وڇوڙي موهن جي ۾ – مرون ٻي مرن ٿا
ڪِرا ڪَٽي ڪَڇي ۾ – سدن ڪڇ ڪرن ٿا
١ – ڏڪي شال ڪڍڪي – ٻره ڏا ڇا ڏي
مدهش ٿي مرون – پڙ هڪي ٻي ڀڄن ٿا
٢ – آنسون اکين مان – وهن نير وانگر
لڙڪ لال رت جا – ڳلن تان ڳڙن ٿا
٣ – فراقن جا فتيل – ٿي سوزن جا سنٽيل
چڙي کهر ٿي ور کي – جهل ۾ جلن ٿا
٤ – سچو پريم پهلاج – جنهنجي اندر ۾
سدا روح تنهنجا – اندر ۾ رڙن ٿا

هن طرح ڪوپيون گهوڙن جون آنسون اگهڻ لڳيون مٿان هٿ ڦيرڻ لڳيون سڌن سر چمڻ لڳيون جو مٿن شام سندر جي ڇاپ آهي شام سندر جي شيوا ۾ پاڻ ارپڻ ڪيو اٿن اُنهي پر ڪرشن جو درشن ٿا ڪن. تنهن ڪري سڌن وڏا ڀاڳ آهن پر انسان جا ته وڏا ڀاڳ آهن جو شام سندر جي شيوادارن جو گهڻن ڏينهن کان پوءِ درشن ٿيو آهي. ائين چئي پوءِ وري رٿ ۾ ويٺل ماڻهوءَ کي نهارڻ لڳيون ڇا ڏسن جو هي شام سندر جو ڀڪر ڀڳائي ڪو پيو آهي پاڻ رٿ وارو آهي پر منجهس ڪرشن ويٺل ڪونه ڪو ڏسي ڪوپيون وائڙيون ٿي ويون وري ساڳي ويراڳ ۾ موهجي اوڌو کان

پتر لکيون .

(ٻئين راڳ پيلو ٢٨)

ٿل - ڪٿي اڄ اسانجو - ڪرشن ڪلعدار آهه
ڪرشن ڪلعدار آهه - موهن مدار آهه
١ - اسين وره واريون - غمن ۾ گذاريون
هنجين نيرهاريون - وهي زار زار آهه
٢ - آهي دل آباڻي - وڃي ڪونه پاڻي
جدڙي دماڻي - سدا بيقرار آهه
٣ - اکين ۾ اونداهي - وڃي ڪانه وائي
عشق آگ لائي - طلب تار تار آهه
٤ - جدائي جلايم - سوزن ستايم
موهن کي مدايم - نه آيو پرڏار آهه
٥ - پهلاج ايندو - درس دان ڏيندو
ايندو يا نه ايندو - من ۾ مونجهار آهه

هن طرح گوپيون اوڏو کي رت وارو سمجهي پرم پتر لکيون ته شام سندر ڪٿي تون آن جو مور مکٽ ڪيترن پاتو آهي ايها بي اهڙي تو اسانجي اکيان جو ڪٿي آهي جلدي ڏس تون ڪيڏ آهين . اوڏو گوپين کي پريم ۾ ڀڄندو ڏسي جهوٽ لکو ته مان متمرا جو ويٺل ڪرشن جو سيکي آهيان موکي موهن اوهان لاءِ نيا پوڏنو آهي بس گوپيون نيا پو سندي جهوٽ لکيون ڪيڙو . اوڏو چيو ته ڪرشن ڪونه ايندو مون کي اوهان لاءِ موڪليو اٿس ته وڃي گوپين کي گيان ڏي . گوپيون ڇڪي کي جهوٽ لکيون .

(ڀڄن راڳ پيلو ٢٩)

ٽڪ. اهڙو شام سندر - سنيهو موڪو آهه
اڄ جي وائي شام - واري چڪو آهه
١ - اسان ۾ الاهي - ڏسي ڏوهه گهڻا
ڇڏي ڪام ڪوڪل - مٿرا ۾ رڪو آهه
٢ - جدائيءَ ۾ هيرو - جلي جان وڃي
سڄو سام سڪ ۾ - سکڻن جو سڪو آهه
٣ - اسان وٽ ممي ۾ - ٻئي ٻانهه ٻاري
ڪرشن وٽ هميشه - هين ڪارو ڪڪو آهه
٤ - سلمان سور ڪڍڻ سان - ڪوٺي حال ٻائي
اوڏو ۾ اسان لئه - ڪو آندو ڏڪو آهه
٥ - روئڻ ۾ رڙڻ روز - ٻهلاچ ٻڙو
ملڻ جو ڪالسو ڻ - پورو پڪو آهه

ڪوپين ڪي هن طرح ايڪ اڌ ماهه ڪٽ ڏسي اوڏ جو لکو ته مي ڪوپيون اوهان اڃايو جان ڪي ته ڇاليو ڪرشن ڪون ايندو توهان موهه ڪيڏي مون وڏان ڪيان يوگ ڪي سکي سادت ۾ وقت ڪداريو اڃايو پرائي پت پتيان حيائي مٽي ته ڪهو موڪلڪي خاص شام سندر اوهان جي سمجهائڻ واسطي موڪليو آهي سو پيا خيال لاهي ڇڏيو - ڪرپون اوڏو جا مي واڪ پڌي جوڙ لکيون ته اوڏو ڪهڙا ڪوڙ ته پڌاءه فقط ڏس ته اسان جي شام ڪي ياهه ڪيري هئي يا نه -

---

(ڀڄن راڳ ڪلياڻ ٣٠)

ٽڪ. اهڙا اوڏو ڪرشن ڪي - دماڻي ياهه هئي يا نه

اسان جي فراق جي تندڪي - ملي فرياد هتي يا نه

١ - اسان بڪ ٻهاريءَ جي - ڪڏي ماڻهن مراريءَ جي
انهيءَ ڪهڙيءَ ڪاريءَ جي - ٻڌي ٻرباد هتي يا نه

٢ - ڪهيءَ سان لدواتس لاتي - رهي خوش حال هن راتي
انهيءَ جي شل سڙي ڇاتي - سندس هل شاد هتي يا نه

٣ - موهن کي ڪامڻائڻ لئه - ٻتي ٻهلاج پاڙهڻ لئه
ڪرشن کي ڪا سيکارڻ لئه - آتي آستاد هتي يا نه

هن طرح گوپيون اوڌو کان پڇڻ لڳيون ته اهو ڪڏهن پلي پالي شام سندر اسان جي يادگيري ڪندو هو يا نه ڪڏهن گوڪل ڏي ڏيڻ ڪٽي نهاريندو هو يا نه ڪڏهن ڪا ئڻ پيئڻ مهل ڪا ماتا جسوها جي يادگيري ڪندو هو يا نه رکو هيڙڪيءَ وٽ ويهي رهيو گوڪل جون گوپيون وساري ويو ڪهڙيءَ ڪاريءَ سان نيهن لاتو اٿس هيڏاهن اچڻ جو خيال هيس يا نه اوڌو گوپين کي جواب لڳو ته توهان اچايو ته جيءَ جلايو ڏکو شام ايندو ڏکو ڇڏي موڪلي اٿس فقط موڪلي زباني سمجهائي ڇڏيو اٿس ته توهان وڃي گوپين کي گيان ڏي جنهن مون مان موهه مٽي وڃي گوپيون ٻڌي هڪ ٻي کي جواب لڳيون ته اهي ٻس شام وساري ويٺو -

(پيلو راڳ - ٻهاڙي ٣١)

ٽل - اهيون شام سندر - وساري ڇڏيو آهه
اچڻ وڃڻ ٺڪوي - واري ڇڏيو آهه

١ - سندس من مندائي - يا ٻي ڪا پل اٿس
يا ڪهڙيءَ ڪرشن کي - وهاري ڇڏيو آهه

٢ - اسان خط خوشي مان - مڪو هو موهن ڏي

مگر ڪرشن ڪاوڙ مان - ڏاڙهي چڙهيو آهه
٣ - دغا ڏيئي ڪيءَ ڪي — يا وسري ويو
ڪو پاڻي ڀري ڪيس - ڀاري چڙهيو آهه
٤ - ڀڪي ڏل ڪري پاڻ - ڀلاڄ ويٺو
يا ڪرشن کي ڪهڙيءَ — ڪاري چڙهيو آهه

هن طرح گوپيون پاڻ ۾ اڪيڪ ٻهه پڇائي آڏ ماد ڪرڻ لڳيون ۽ هڪ ٻئي کي چوڻ لڳيون ته هن تي اعتبار ڪونه ٿو اچي هاڻي ڪنهن ڪان پڇي هڪ ڪجهه وري اوڌو کي چوڻ لڳيون ته اُدا اوڌو سچ ٻڌاءِ ته هن طرف ته پاڻ کي ڪهڙو جي اچي ته پاڻ جهٽرو رکون جي نه اچي ته پاڻ ماري ڇڏيون - ٻيو ڇا ڪريون وڏو ڪ وڇوڙو ڏاڍو سخت وڃي - گوپين جي هن حال کي ڏسي اوڌو چوڻ لڳو ته هي گوپيون اوهان لاءِ ڪرشن کي پريم ڪونهي ڏکويا ۽ ڪندو آهي هو اندر ٻاهر ڪارو آهي توهان اڄ پوڙهي ساهه اڙڪايو آهي - بس گوپيون وري روئڻ لڳيون -

---

(ڀڄن راڳ تلنگ ٣٢)

ٽل - اندر ٻاهر آهي اهڙو ن - ڪرشن ڪنهيو ڪارو - مرليءَ وارو
١ - اکيون پائيو سپ هٿ جو ڪارو - هاڻي ٻٽيو دل جو ڪارو
ڪارو اصل ڪارو مرليءَ وارو
٢ - ڪارو ڪانگ ۽ ڪويل ڪاري - ڪارو ڀنور ۽ ڪهڙي ڪاري
وڻي ڪارن کي ڪارو - مرليءَ وارو ....
٣ - چاڻ اسان اکي ڪونه ڪو ڇا تو - ڪين رکون هان جهڪرناٿو
هاڻي ڪونه ملي ٿو چارو - مرليءَ وارو

٢ - پريم ڀلاڄ اڻانگو آهي - ديس پرديس پريم ڀڃائي
من کي ڏئي موهيندا رو — مرليءَ وارو ....

هن طرح گوپين کي اکين کان ٻه وڏڪ ٻه پڇا ئنا پيا — اُنهه
ته ڪڪ آسرو هو پورا ٿلي ڌوري بلڪل نا اميديءَ وارو مرض
وڌط لڳو سو هر هر پڇي اوڌو کان پڇائون ته پوءِ جا ڪريون
ڪهڙي نموني شام ايندو پلاڻون مهرباني ڪري وڃي آءَ يا اسان
کي وٺي هل اسانکي هعي تمام ڏکيا ڏيڏهن ڏا گذرن ٿي اوڌو
ڀلائي ڪر ڪا مهرباني ڪر موهن جي ملائط هي - گوپين هي هن
